هفتيوار رسالو

# غوثِ اعظم رحمۃ اللہ علیہ جو مقام ۽ مرتبو (سنڌي)



- سيني جا پير
- الله پاڪ جو تحفو
- ان جو ادب چوڻ ڪيان
- نسبت جي برڪت


شیخِ طریقت، امیرِ اہلِ سنّت، بانیٔ دعوتِ اسلامی، حضرت علّامہ مولانا ابو بلال

محمد الیاس عطّار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **غوثِ اعظم** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ **جو مقام ۽ مرتبو**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدنی التجا: ڪنھن کی بہ ھی ڪتاب ڇاپڻ جی اجازت ناھی

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# غوثِ اعظم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو مقام ۽ مرتبو

## پيشڪش

## المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مقام ۽ مرتبو[1]

**دعاءِ عطار:** يا الله پاڪ! جيڪو بہ 14 صفحن جو رسالو "**غوث اعظم** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **جو مقام ۽ مرتبو**" مڪمل رسالو پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن ڪي قيامت جي ڏينهن غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي غلامن مان اُٿار ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "توهان پنهنجي مجلسن کي مون تي درود شريف پڙهي ڪري آراستہ ڪيو ڇوتہ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان جي لاءِ نور هوندو."

(جامع صغير ، ص280،حديث:4580)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت خِضر عَلَيْهِ السَّلَام سان ملاقات

منقول آهي: امام جمال الدِّين ابو محمد بن عبد بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان

[1] ...امير اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ربيع الآخر 1444 هجري بمطابق 2022 تي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ يارهين شريف جي مدني مذاڪرن کان پهريان ٿيڻ واري هڪ بيان جو تحريري گلدستو (ڪجھ ضروري ترميم سان).

سوال ٿيو تہ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام زنده آهن يا وصال ڪري چڪا آهن؟ ارشاد فرمايائون: مان حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام سان مليو آهيان. مون حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام کان عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بابت پڇيو، تہ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اُهي اڄ سڀني پيارن ۾ بي مثال ۽ تمام ولين جا قطب آهن. الله پاڪ ڪنهن بہ ولي کي ڪنهن اهڙي مقام تائين ناهي پهچايو جيڪو عبد القادر جيلاني کي نہ ڏنو هجي، ۽ ڪنهن بہ ولي کي پنهنجي محبت جو ڪو اهڙو جام ناهي پيئاريو جيڪو شيخ عبد القادر جيلاني کي نصيب نہ ٿيو هجي، نہ ڪنهن مقرب کي ڪا فضيلت عطا فرمائي پر هي تہ شيخ عبدالقادر اُن کان وڌيڪ نہ هجن. الله پاڪ اُن ۾ پنهنجو اهو راز رکيو آهي جنهن سان اُهي سڀني ولين کان مٿانهون ٿي ويا، الله پاڪ جيترن کي ولايت ڏني آهي ۽ جيترن کي قيامت تائين ڏيندو، سڀئي شيخ عبد القادر جيلاني جي حضور ۾ ادب سان پيش ايندا آهن. (بہجۃ الاسرار، ص325 ، 326)

ہے قولِ خضر یہ کہ سب اَولیا میں　　نہیں تیرا کوئی بدل غوثِ اعظم
ہے دِل کو تِری جُستجو غوثِ اعظم　　زباں پر تِری گفتگو غوثِ اعظم

(قبالۂ بخشش،ص 170،173)

حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا سچا غلام، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان تمام گهڻي محبت ۽ عقيدت رکندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي فتاويٰ رضويہ ۾ ڪيئي هنڌن تي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ذڪرِ خير فرمايو آهي ۽ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي شان ۾ ڪيئي اشعار پڻ لکيا آهن

۽ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي شاعري بلڪل قرآن و حديث ۽ بزرگن جي اقوال جي مطابق آهي، جيئن تہ پاڻ حدائقِ بخشش ۾ لکن ٿا:

جو ولی قبل تھے یا بعد ہوئے یا ہوں گے سب اَدب رکھتے ہیں دِل میں مرے آقا تیرا

(حدائقِ بخشش،ص23)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٻہ درجا وڌي ويا

وڏيڪ پڙهو ڪيترا وڏا وڏا ولي سڳورا منهنجي مُرشد، شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ادب ڪندا آهن ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان محبت جو اظهار فرمائيندا آهن جيئن تہ سيدي و مرشدي غوثِ اعظم دستگير جا خليفہ حضرت شيخ علي بن هيتي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مان سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان گڏجي حضرت شيخ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار تي ويس، حضرت شيخ معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏن ولين سڳورن رحمة اللهِ عَليهِم مان آهن. حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انهن کي هن طرح سلام ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا شَيْخُ مَعْرُوْفُ! عَبَرْنَاكَ بِدَرَجَتَيْن يعني ”اي شيخ معروف! اوهان تي سلامتي هجي، اسان اوهان کان ٻہ درجا وڌي ويا آهيون.“ انهن مزار شريف مان جواب ڏنو: وَعَلَيْكَ السَّلَامُ يَاسَيِّدَ اَهْلِ زَمَانِهٖ يعني ”۽ اوهان تي سلامتي هجي، اي پنهنجي زماني وارن جا سردار!“ (قلائد الجواہِر ،ص39)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

جسے خلق کہتی ہے پیارا خدا کا — اُسی کا ہے تُو لاڈلا غوثِ اعظم
مشائخ جہاں آئیں بہرِ گدائی — وہ ہے تیری دولت سرا غوثِ اعظم

(ذوق نعت، ص 181، 182)

فتاويٰ رضويه جلد 26 صفحو 559 تي آهي: هن ڳالهه ۾ شڪ ناهي ته حضور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو مرتبو نهايت اعليٰ ۽ افضل آهي. غوث پنهنجي زماني ۾ سڀني دنيا جي ولين جو سردار هوندو آهي ۽ اسان جا غوثِ پاڪ، امام حسن عسڪري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان پوءِ کان وٺي امام مهدي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي تشريف وٺي اچڻ تائين سڀني دنيا جا غوث ۽ سڀني غوثن جا غوث ۽ الله جي سڀني ولين جا سردار آهن ۽ انهن سڀني جي ڪنڌ تي غوثِ پاڪ جو قدم مبارڪ آهي.

(نزہۃ الخاطر الفاتر، ص6)-(فتاویٰ رضویہ، 559/26 مع التسہیل)

کھلا میرے دِل کی کلی غوثِ اعظم — مِٹا قلب کی بے کلی غوثِ اعظم
مرے چاند میں صدقے آجا اِدھر بھی — چمک اُٹھے دِل کی گلی غوثِ اعظم
ترا مرتبہ اعلیٰ کیوں ہو نہ مولیٰ — تو ہے ابنِ مولیٰ علی غوثِ اعظم
تو باغِ علی کا ہے وہ پھول جس سے — دماغِ جہاں بَس گیا غوثِ اعظم
فدا تم پہ ہو جائے نوریؔ مضطر — یہ ہے اِس کی خواہش دِلی غوثِ اعظم

(سامان بخشش، ص116 تا 121)

## سيني جا پير

اسان جا پير ۽ مُرشد شهنشاهِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ ارشاد فرمايو: ماڻهن جي لاءِ پيرَ آهن، ”جنن جي قوم“ جي لاءِ پير آهن ۽ مان سيني جي لاءِ پِيرُ آهيان، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ پنهنجي وفات شريف جي وقت پنهنجي شهزادن کي فرمايو: مون ۾ ۽ توهان ۾ ۽ زماني جي تمام مخلوقَ ۾ اهو فرق آهي جيڪو آسمان ۽ زمين ۾ آهي. مون کي ڪنهن سان نسبت نہ ڏيو ۽ مون کي ڪنهن تي قياس نہ ڪيو. (بہجۃ الاسرار ، ص22،23 )

## نعمت جو چَرچو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن طرح جا اقوال جن ۾ غوثِ پاڪ پنهنجي مبارڪ چپن سان پنهنجي تعريف ڪئي آهي ان کي تحديثِ نعمت (يعني نعمت جو چَرچو ڪرڻ) چئبو آهي. جيئن تہ قرآنِ پاڪ جي 30 سيپاري سورۃُ الضّحيٰ جي آيت نمبر 11 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿۱۱﴾ | ترجموڪنزُالعرفان: پنهنجي رب جي نعمت جو خوب چَرچو ڪر. |

الله پاڪ منهنجي مُرشد غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ کي تمام گهڻيون خوبيون، صلاحيتون ۽ شان ۽ عظمتون عطا فرمايون آهن تہ انهن الله پاڪ جي نعمت جو اظهار ڪندي هن طرح ارشادات فرمايا آهن ۽ هن ۾ ماڻهن کي خبردار بہ ڪيو آهي تہ

منهنجي باري ۾ زبان نہ کولجو، مون تي تنقيد ڪئي يا منهنجي مخالفت ڪئي تہ ڪتان جا نہ رهندؤ.

بازِ اَشْہب کی غلامی سے یہ آنکھیں پھرنی　　دیکھ اُڑ جائے گا ایمان کا طوطا تیرا
(حدائقِ بخشش،ص26)

يعني حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي متعلق ڪا نامناسب ڳالھ ڪئي يا اکيون ڦيريون تہ ايمان ضايع ٿي ويندو جيئن تہ حديثِ قدسي آهي الله پاڪ فرمائي ٿو: جيڪو منهنجي ڪنهن ولي سان دشمني ڪندو آهي مان ان سان جنگ جو اعلان ڪندو آهيان. (بخاری،4/ 248، حدیث:6502)

هن روايت ۾ بہ چڱي طرح سمجهايو ويو آهي تہ خبردار! الله پاڪ جي وليءَ جي توهين نہ ڪجانءِ.

## الله پاڪ جو تحفو

شيخ ابوالحسن علي بن سنجاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شيخ عبدُالقادر دنيا جي سردارن مان هڪ آهن ۽ پاڻ الله پاڪ جي تحفن مان مخلوق جي لاءِ (تحفو) آهن. (بہجۃالاسرار، ص 432)

## بغداد جي مسافر جي لاءِ پيغام

هڪ ڏينهن حضرت سيد امام احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي پاٽيجن ۽ مُريدن کي وصيت فرمائي رهيا هئا تہ هڪ شخص بغداد شريف وڃڻ جي ارادي سان انهن وٽ موڪلائڻ آيو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان کي فرمايو: جڏهن بغداد پهچين تہ شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪڏهن دنيا ۾ موجود هجن تہ انهن جي زيارت

۾ جيڪڏهن وفات ڪري چڪا هجن ته سندن مزار مبارڪ جي زيارت ڪرڻ کان پهريان پيو ڪو به ڪم نه ڪجانءِ. حضرت احمد بن ابي بڪر حريمي ۽ حضرت ابو عُمر ۽ عثمان صريفيني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡهِمَا جن فرمايو: ”خُدا جو قسم! الله پاڪ ولين ۾ شيخ مُحيُّ الدِّين عبدُ القادر رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو مثل نه پيدا ڪيو نه ڪڏهن پيدا ڪندو.“

(بهجة الاسرار، ص 56)

بقسم کہتے ہیں شاہانِ صریفین و حریم     کہ ہُوا ہے نہ ولی ہو کوئی ہمتا تیرا

## غوثِ پاڪ جو مقامءِ مرتبو

حضرت شيخ ابو عَمرو عثمان بن مرزوق قرشي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه اسان جا شيخ، امام ۽ سيد (يعني سردار) آهن ۽ انهن سيني جا سردار آهن جيڪي هن زماني ۾ الله پاڪ جي رستي تي هلندا آهن ۽ الله پاڪ جي سامهون بيهڻ ۾ سيدنا شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه اسان جا امام آهن، هن زماني جي ولين ۽ تمام وڏي مرتبي وارن کان هن ڳالهه جو سختي سان وعدو ورتو ويو ته ”حضرت شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ڳالهه جي طرف رجوع ڪن ۽ انهن جي مقام جو ادب ڪن.“

(بهجة الاسرار، ص332)

نہ کیونکر سلطنت دونوں جہاں کی اُن کو حاصل ہو
سَروں پر اپنے لیتے ہیں جو تلوا غوث اعظم کا

(قبالۂ بخشش، ص96)

## سمنڊ ڪي ڇڏي ڪري شاخ (نَهر) ڏي ناهي وڃبو

شيخ ابو القاسم عُمر بن مسعود بَزّار رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”منهنجا

سردار شيخ محي الدين عبدُ القادر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه شيخ عدي بن مُسافر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي تمام گهڻي تعريف ڪندا رهندا هئا، مون کي انهن جي زيارت جو شوق ٿيو ۽ مون حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان سندن زيارت جي اجازت گهري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اجازت عطا فرمائي. مان سفر ڪري ان وٽ پهتُس ته انهن کي پنهنجي حُجري جي دروازي تي ڏٺم. ان مون کي ڏسي ڪري ارشاد فرمايو: اي عُمر! پلي ڪري آيا، تون سمنڊ کي ڇڏي ڪري شاخ جي طرف آيو آهين. اي عُمر! شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن زماني جي تمام ولين جي لغامن جا والي آهن. (بهجة الاسرار، ص289)

| | |
|---|---|
| ميں جہنّم ميں نہ اَب جاؤں گا اِن شاءَاللہ | رَہنُما تم کو جو ميں نے ہے بنايا ياغوث |
| شاہِ بغداد! ہو عطّار پہ نظرِ رحمت | خالی کاسہ لئے ہے دُور سے آيا ياغوث |

(وسائل بخشش، ص541)

## انهن جو اَدب چونه ڪيان

شيخ موسيٰ بن ماهينُ الزّولي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شيخ عبدُالقادر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اسان جي زماني ۾ ماڻهن کان بهتر آهن ۽ پنهنجي وقت جي اهڙي سلطانُ الاولياء[2] ۽ سيدُالعارفين[3] جو مان ادب چونه ڪيان جنهن جو اَدب آسمان جا ملائڪَ به ڪندا آهن. (بهجة الاسرار، ص435)

سلسلهءِ سُهروردیه جا باني شيخ شهابُ الدين ابوحفص عمر سُهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان پنهنجي چاچي ۽ شيخ ابونجيب

---

[2] يعني ولين جو سردار
[3] الله پاڪ جي سڃاڻپ رکڻ وارن جو سردار

عبدُالقادر سهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان گڏ حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. منهنجي چاچي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو تمام گهڻو ادب ڪيو ۽ خاموش ويٺا رهيا. جڏهن واپس موٽيا، مون کانئن ان وقت شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان ادب ڪرڻ جي باري ۾ پڇيو تہ منهنجي چاچي فرمايو: مان انهن جو ادب ڪيئن نہ ڪيان حالانڪ انهن جي ذات ڪامل ۽ اڪمل آهي سڄي دنيا ۾ انهن جو تَصَرّف (يعني اختيار) آهي. (بهجة الاسرار، ص438)

## پهرين زيارت ڪافي نہ هئي

حضرت خضر موصِلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن بارگاهِ غوثيہ ۾ حاضر هيس. منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ شيخ احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي زيارت ڪيان، پيرَن جي پير، روشن ضمير شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: ڇا شيخ احمد کي ڏسڻ چاهيو ٿا؟ مون عرض ڪيو: جي ها! حضورِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ٿوري دير مٿو مبارڪ جهڪايو پوءِ مونکي فرمايائون: اي خِضر! ڏسو هي آهن شيخ احمد. هاڻي مون ڏٺو تہ مان شيخ احمد ڪبير رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي پرسان موجود آهيان، ۽ مون انهن کي ڏٺو تہ هو هڪ رُعب وارو شخص آهي، مان اٿيس ۽ انهن کي سلام ڪيم. ان تي حضرت رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مون کي فرمايو: اي خضر! جيڪو شيخ عبدالقادر کي ڏسي، جيڪي سيني اوليائن جا سردار آهن، اهو منهنجي ڏسڻ جي خواهش ڇو ڪري ٿو؟ مان تہ رڳو انهن جي رعيت (يعني ماتحتن) مان آهيان، هي فرمائي ڪري منهنجي نظر

ڪان غائب ٿي ويا پوءِ حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي انتقال شريف ڪان پوءِ بغدادِ مُعليٰ ڪان حضرت احمد رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي زيارت جي لاءِ ويس. انهن ڪي ڏنُم ته اهي ئي شيخ هئا جن ڪي مون ان ڏينهن حضور غوثِ اعظم شيخ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي قدمن ۾ ڏٺو هو. حضرت احمد رفاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن فرمايو: اي خِضر! چا پهرين (زيارت) تنهنجي لاءِ ڪافي نه هئي.(فتاويٰ رضويه،388/28)

غَرَض آقا سے کروں عَرض کہ تیری ہے پناہ — بندہ مجبور ہے خاطرِ پہ ہے قبضہ تیرا
دُھوپ محشر کی وہ جاں سوز قِیامت ہے مگر — مطمئن ہوں کہ مرے سر پہ ہے پلّہ تیرا
(حدائقِ بخشش،ص30، 31)

## عقيدت ڀريا اشعار

شيخ بهاؤالدين زڪريا مُلتاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضورِ غوثِ پاڪ سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪجهه هن طرح فرمائن ٿا:

سگِ درگاہِ جیلانی بہاؤالدین ملتانی — لِقائے دینِ سلطانی محی الدین جیلانی

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان پنهنجي عقيدت جو هيئن اظهار فرمائن ٿا:

یہ چشتی نقشبندی سہروردی — ہر اک تیری طرف مائل ہے یا غوث
مزرعِ چشت و بخارا و عراق و اجمیر — کون سی کشت پہ برسا نہیں جھالا تیرا
کس گلستاں کو نہیں فصلِ بہاری سے نیاز — کون سے سلسلہ میں فیض نہ آیا تیرا
(حدائقِ بخشش،ص25، 26، 259)

خليفهٔ اعليٰ حضرت، حضرت مولانا حشمت علي خان عُبيدِ رضوي حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪجھ هن طرح ڪن ٿا:

سگ ہوں میں عُبَید رضوی غوث و رضاکا ۔۔۔ بھاگتے ہیں میرے آگے شیرِ بَبر بھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! ۔۔۔ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## واه ڇا ڳالھ ڪجي منهنجي غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه جي

حضرت مرزا مظهر جانِ جانان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه فرمائن ٿا: مون خواب ۾ هڪ وڏو چبوترو ڏٺو جنهن ۾ ڪيئي اولياءِ ڪرام حلقو ٺاهي ڪري مُراقبي ۾ (يعني سيني شين کي ڇڏي ڪري الله پاڪ جي خيال ۾ ٻڏل) آهن انهن جي وچ ۾ سلسلهٔ نقشبنديه جا اڳواڻ حضرت خواجه محمد بهاؤالدين نقشبندي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه دوزانو (گوڏن ڀَر) ۽ شيخ جنيد رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه وهاڻو ڏئي تشريف فرما آهن، اوچتو هي بزرگَ اٿي ڪري وڃڻ لڳو مون (ڪنهن) کان پڇيو ته هي ڇا معاملو آهي، ٻڌايو ويو ته هي سيئي مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت عليُّ الْمُرتضيٰ شيرِ خُدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي استقبال جي لاءِ وڃي رهيا آهن، پوءِ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تشريف وٺي آيا ته هڪ بزرگ حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي هٿ کي نهايت احترام سان پنهنجي مبارڪ هٿن ۾ وٺي رکيو هو، پڇڻ تي خبر پئي ته خيرُ التابعين حضرت اُويس قرني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه آهن، پوءِ هڪ نوراني حُجرو ظاهر ٿيو ۽ هي سيئي بزرگ ان ۾ داخل ٿي ويا مون ان جو سبب پڇيو ته جواب مليو: "اڄ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه جو

عرس شريف آهي ۽ هي بزرگ هن ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ تشريف وٺي آيا آهن.“

(كلمات الطيبات فارسی، ص 78)

ہم کو ”گیارہ“ کا ہے عدد پیارا ان کی تاریخِ عُرس ہے گیارہ
یوں عدد ہم کو پیارا گیارہ ہے واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

(وسائل بخشش، ص579)

## قادِرين کي مبارڪ

سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ديوانن ۽ مُريدن کي مبارڪ هجي جو سرڪارِ بغداد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي فرمان جي مطابق ”انهن جو مُريد جيتوڻيڪ ڪيڏو به گنهگار هجي اهو ان وقت تائين نه مرندو جيستائين توبهه نه ڪري وٺي.“ (بهجة الاسرار، ص191)

ایمان اُس کا بچ گیا شیطان سے، جو تیرے ہے ”سلسلے“ میں آگیا بغداد والے مرشد

(وسائل بخشش، ص546)

اي عاشقانِ غوثِ اعظم: جيڪو غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو غلام بڻجي ويندو آهي ان جا ته ٻاڙا ئي ڪُلي ويندا آهن. جيئن ته بَهجةُ الأسرار ۾ آهي: پيرن جي پيرَ، پير دستگير، روشن ضمير، قطبِ رَبّاني، محبوبِ سبحاني، پيرِ لاثاني، قنديلِ نوراني، شهبازِ لامڪاني شيخ ابومحمد سيد عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ارشاد آهي: مون کي هڪ وڏو رجسٽر ڏنو ويو جنهن ۾ منهنجي ساٿين ۽ منهنجي قيامت تائين ٿيڻ وارن مُريدن جا نالا لکيل هئا ۽ چيو ويو ته تمام ماڻهو توهان جي حوالي ڪيا ويا آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن

تا: مون جهنّم تي مُقرر ملائڪَ کان پڇيو: ڇا جهنّم ۾ منهنجو ڪو مُريد بہ آهي؟ انهن جواب ڏنو: نہ. (بہجۃ الاسرار، ص193)

ڪہہ کر کے ” لَاتَخَفْ “ ہمیں بے خوف کردیا　　اُس رحمتِ خدا کو ہمارا سلام ہو
(وسائل بخشش، ص620)

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمايو: مونکي پنهنجي پروردگار جي عزّت ۽ جلال جو قَسم! منهنجي حمايت جو هٿ منهنجي مُريد جي مٿان ائين آهي جيئن آسمان زمين تي ڇانوَ ڪيل آهي. جيڪڏهن منهنجو مُريد چڱو نہ بہ هجي تہ ڇا ٿيو! الحمدللّٰه! مان تہ چڱو آهيان. مونکي پنهنجي پالڻ واري جي عزّت ۽ جلال جو قَسم! مان ان وقت تائين پنهنجي ربَّ ڪريم جي بارگاهہ مان نہ هٽندُس جيستائين پنهنجي هڪ هڪ مُريد کي جنّت ۾ نہ داخل ڪرائي ڇڏيان.
(بہجۃ الاسرار، ص193)

قادری کر قادری رکھ قادریوں میں اُٹھا　　قدرِ عبدالقادرِ قدرت نُما کے واسطے
(حدائقِ بخشش، ص149)

## نسبت جي برڪت

حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خوشخبري آهي ان جي لاءِ جنهن مون کي ڏٺو يا مونکي ڏسڻ واري کي ڏٺو يا مون کي ڏسڻ واري جي ڏسڻ واري کي ڏٺو. مان ان شخص تي حسرت ڪريان ٿو جنهن مون کي ناهي ڏٺو. (بہجۃ الاسرار، ص53)

سرڪارِ بغداد، حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ مون سان واعدو فرمايو آهي تہ منهنجي مُريدن ۽ منهنجي دوستن کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو. جيڪو شخص منهنجي طرف منسوب

ٿئي ۽ منهنجو نالو وٺي، الله پاڪ ان کي قبول ڪندو ۽ ان تي مهرباني فرمائيندو، جيتوڻيڪ هو بُري عملن تي هجي، اهو منهنجي مريدن مان آهي، اهو منهنجي مُريدن مان آهي. مون مُنڪر نڪيرن کان هن ڳالهه جو واعدو ورتو آهي ته اهي قبر ۾ منهنجي مُريدن کي نه ڊيڄاريندا. (بهجة الاسرار، ص193 ملخصاً)

مریدی لاتخف کہہ کر تسلّی دی غلاموں کو — قیامت تک رہے بے خوف بندہ غوثِ اعظم کا
ندا دے گا منادی حشر میں یوں قادریوں کو — کدھر ہیں قادری کرلیں نظارہ غوثِ اعظم کا
فرشتو روکتے کیوں ہو مجھے جنت میں جانے سے — یہ دیکھو ہاتھ میں دامن ہے کس کا غوثِ اعظم کا
صدائے صور سن کر قبر سے اٹھتے ہی پوچھوں گا — کہ بتلاؤ کدھر ہے آستانہ غوثِ اعظم کا
عزیزو کر چکو تیار جب میرے جنازے کو — تو لکھ دینا کفن پر نام والا غوثِ اعظم کا
جمیلِ قادری سو جاں سے ہو قربان مرشد پر — بنایا جس نے مجھ جیسے کو بندہ غوثِ اعظم کا

(قبالۂ بخشش، ص93 تا 101)

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنّت جي نعمت جو ڪير به اندازو نه ٿو لڳائي سگهي جو الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي اکين جي ٺڌاڻ جي لاءِ چا چا تيار ڪري رکيو آهي. (غوث پا ک کے حالات ، ص77)

سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

گدا بھی منتظر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا — خُدا دِن خیر سے لائے سخی کے گھر ضیافت کا

(حدائق بخشش، ص37)

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! يارهين واري مُرشد جي سيرت کي به اپنائڻ جي ڪوشش فرمايو، اچو! فرمانِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ٻڌو:

الله پاڪ اسان کي انهن جي مطابق پنهنجا ڏينهن رات گذارڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

فرمانِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه: ”الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪرڻ گهرجي ۽ سچائي جو دامن هٿان نہ ڇڏڻ گهرجي.“

(فتوح الغيب مع قلائد الجواہر، ص44 ملخصاً)

غوثِ پاڪ جا ديوانؤ! نيت ڪريو تہ اَڄ کان پوءِ ڪو گناهہ نہ ڪنداسين، اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! نمازون قضا نہ ڪنداسين، اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! بنا اجازتِ شرعي جماعت بہ نہ ڇڏينداسين، اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! فرض روزا نہ ڇڏينداسين، زڪوات پوري ادا ڪنداسين، حج فرض ٿي ويو تہ ادا ڪرڻ ۾ دير نہ ڪنداسين، ڪوڙ نہ ڳالهائينداسين، ڏاڙهي نہ ڪوڙائينداسين ۽ هڪ مٺ کان نہ گهٽائينداسين، فلمون ڊراما، گانا باجا نہ ڏسنداسين، نہ ٻڌنداسين، بي پرده عورتن کي نہ ڏسنداسين، وياج نہ کائينداسين، رشوت جي ڏي وٺ نہ ڪنداسين، شراب جي ويجهو بہ نہ وينداسين، ماءُ پيءُ جي نافرماني نہ ڪنداسين چوتہ هي سڀ ڳالهيون الله پاڪ جي نافرماني آهن جيئن تہ هاڻي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جو فرمان ٻڌو تہ الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪرڻ گهرجي.

اي عاشقانِ غوثِ اعظم: جڏهن الله پاڪ جي رحمت سان گناهن کان بچنداسين، خوب نيڪيون ڪنداسين، نيڪ اعمال جو رسالو پرينداسين، مدني قافلن ۾ سفر ڪنداسين، عاشقانِ رسول جي صحبت اختيار ڪنداسين، الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا

حاصل ٿي وئي ته غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جي پنيان پنيان جنّت ۾ وينداسين. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

سجائیں عمامہ بڑھائیں جو داڑھی انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
جو ہیں وَقف، سنّت کی خدمت کی خاطر انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
جو روزانہ دیتے ہیں نیکی کی دعوت انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
سفر قافلے میں جو کرتے ہیں ہر ماہ انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
جو دیں راہِ مولا میں بارہ مہینے انہیں حشر میں بخشوا غوثِ اعظم
ہے عطّار کو سَلبِ ایماں کا دھڑکا بچا اِس کا ایماں بچا غوثِ اعظم

(وسائل بخشش، ص550، 551)

## خواب ۾ زيارتِ غوثِ پاڪ جو غوثيه نسخو

مدني پنج سوره صفحو 303 تي آهي: جيڪو شخص هن (يعني قصيدهءِ غوثيه) کي سامهون رکي ۽ تي پيرا پڙهي، بارگاهِ غوثيت ۾ مقبول ٿيندو ۽ حضورِ غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جي زيارت سان مُشرّف ٿيندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

بیدار بخت وہ ہے حقیقت میں جس کو جلوہ تُو خواب میں دِکھا گیا بغداد والے مرشِد

(وسائل بخشش، ص546)

میرا پیر میرا پیر غوثِ اعظم دستگیر آپ ہیں پیروں کے پیر غوثِ اعظم دستگیر
محبوب رب قدیر غوثِ اعظم دستگیر آپ ولیوں کے امیر غوثِ اعظم دستگیر
بے مثال و بے نظیر غوثِ اعظم دستگیر بخشوادو میرے پیر غوثِ اعظم دستگیر

(وسائل فردوس، ص60، 61)

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net